# غريب اللغات

پيرومل مهرچند آڏواڻي

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

# غريب اللغات

(شاهه لطيف جي شاعريءَ جي ٽِن سُرن جي لغت)

پيرومل مهرچند آڏواڻي

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو
حيدرآباد، سنڌ
2021ع

# ناشر پاران

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران، مشهور محقق، عالم ۽ سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ نويس ڀيرو مل مهرچند آڏواڻيءَ جا ٻه ڪتاب 'غريب اللغات' ۽ 'سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ' ڇپائي پڌرا ڪيا پيا وڃن. 'غريب اللغات' کي ڇپجي سو سال کان مٿي جو عرصو گذري چڪو آهي، جڏهن ته 'سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ' سنڌي ادبي بورڊ طرفان مختلف وقتن تي ڇپجندو رهيو آهي.

'غريب اللغات'، شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ جي اوائلي لغت آهي، جيڪا ٽن سُرن 'ڪلياڻ'، 'يمن ڪلياڻ' ۽ 'ڪنڀات'جي بيتن ۾ شامل ڪن ڏکين لفظن جي معنيٰ وار سمجهاڻي آهي. جيتوڻيڪ هن کان پوءِ شاهه سائينءَ جي شاعريءَ جون ڀيون به لغتون، خاص ڪري 'لغات لطيفي' (مرزا قليچ بيگ) ۽ تفصيلي لغت 'روشني' (ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ) به تيار ٿيون، جن جا پويان ڇاپا سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران ڇپرايا ويا آهن، پر هيءَ لغت شاهه سائينءَ جي شاعريءَ جي آڳاٽو ڪم آهي، جيڪو هڪ اثاثي طور پڻ محفوظ ڪرڻ بيحد ضروري هو.

ڀيرو مل مهر چند آڏواڻي هن لغت لاءِ 'غريب اللغات' جي نالي جي چونڊ، پنهنجي تخلص 'غريب' جي حوالي سان ڪئي، جو پاڻ نه صرف نثر نويس

هو. ٻر سنو شاعر ٻہ هو ۽ شاعريءَ ۾ ’غريب‘ تخلص استعمال ڪندو هو. سنڌي ٻوليءَ جا محقق ۽ شاهہ جا شارح هن لغت کي شاهہ جي ڪلام جي ٻي لغت ڪري مڃين ٿا. جو پهرين مختصر لغت ديوان ليلارام، لطيف سائينءَ بابت لکيل پنهنجي انگريزيءَ واري ڪتاب جي پوئين حصي ۾ ڏني هئي. ان مختصر لغت کي جڙ تہ ان ڪتاب ۾ ضميمي طور شامل ڪيو ويو هو. ٽين لغت مرزا قليچ بيگ جي ’لغات لطيفي‘ آهي، جيڪا پڻ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري تقريباً پنجاهہ سالن بعد ڇپرائي پڌري ڪئي هئي.

اميد آهي تہ اسان جي هيءَ ڪوشش ساڃاهہ وندن کي پسند ايندي ۽ ائين سنڌي ٻوليءَ جي ناياب ڪتابن کي محفوظ ڪرڻ جو سلسلو بہ جاري رهندو.

12 ڊسمبر 2021ع — ڊاڪٽر محمد علي مانجهي

# ديباچو

(ٻيءَ ڇاپي جو)

سنڌ ۾ هيل تائين جيڪي نظم جا ڪتاب ڇپجي پڌرا ٿيا آهن. تن ۾ شاهه جي رسالي جهڙو ٻيو ڪونهي. ساميءَ جا سلوڪ ڪي گهٽ ڪينهن. سامي ۽ شاهه ٻنهي جو متو ساڳيو آهي. جو ويدانت ۽ تصوف ۾ تفاوت ڪونهي. ٻنهين جي واٽي ۾ اول کان آخر تائين اها ئي يڪتائيءَ جي تار هلي اچي. شاهه جيڪڏهين شريعت ۽ حقيقت جي باب ۾ بيت چيا آهن ۽ مٿاهين منزل جون ڳالهيون ڪيون آهن ته سامي ٻه ڪرم ڪانڊ ۽ گيان ۽ ڀڳتي ڪانڊ جون پاتيون پلٽينندي نرواڻ تائين لنگهي ويو آهي. حقيقت جي مشاهدي ۾ پڻ سامي شاهه آهي ۽ شاهه سامي آهي. تفاوت هي آهي ته سامي ٻين وڏن شاعرن جيان پنهنجي من جي حالتن جو لسوئي لسو بيان هڪڙيئي سُر ۾ ڪري ويو آهي ۽ شاهه نوان نوان ويس وٺي پنهنجي اندر جو حال اوريو آهي. ڪٿي ليلان ٿي ڏيکاري ٿو ته جو مٺيءَ تي محب تو مٺي. تنهن کي ڏٺي ڏکي ڏاريو ٿو ڪري ۽ انهي ڪري هو سچي سچ جي وکر وهائڻ ۽ مهراڻ جي موتين حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي من جي شتربي مهار کي ڏانوڻ ۽ ڏوربون ٻڌي ٿو. ڪٿي سهڻي ٿي لهرين جو لحاظ ڇڏي ساگر سير ۾ گهڙي ٿو پوي جو سنڌس چوڻ آهي ته.

گهڙيا سي چڙهيا، اٿين اٿيئي،
مٺي متي مهراڻ ۾، پئو تپو ڏيئي،
ته ميهار مليئي، سنپوڙو سيٽاهه سين.

ڪٿي ڏيکاري ٿو ته ڪٿن سمي سردار پنهنجو هٿ ڏگهيڙي گنڌريءَ گولي، کي ٻانهن کان جهلي مٿي ڪيو ۽ اُن کي چوڏول ۾ چاڙهي راڻين جي راڻي (پٽ راڻي) ڪيائين. ڪٿي سسئي ٿي سر جو سانگ ڦٽو ڪري ۽ لوڪاڻي لڄ لاهي پنهونءَ پنيان ڪاهي پوي ٿو ۽ ڪٿي وري عمر جي محلن ۾ ويهي ماروئڙا ۽ ملير ملڪ سنڀاري ٿو. ڪٿي ڏسوس ته مومل ٿي راڻي جي رهاڻ کي واجهائي ٿو ۽ ڪٿي ڪانگل کي قاصد ڪري اُن کي

پرين لاءِ پيغام ڏئي ٿو. ڪٿي جوڳين جي سنگ جو رنگ ڪولي مؤنن ۾ منهن وجهڻ جون ڳالهيون ٿو ڪري ته ڪٿي وري گهاتو تي اگهور ٿو گهوري ۽ ساموندي تي ڪارو ٿو ڪيڙي. وري ڏسوس ته سوري سيج چاڙهي ۽ مرڻ مشاهدو سمجهي ڪلال جي هٽ تي سُرڪي جي سَٽِ ۾ سر سنباهي ٿو ۽ ڪٿي وري ڏسوس ته سورٺ ور تي توحيد جي تار تي ڪلمن ڪان ڪنڌ ڪوري ٿو ڏئي. اهي ۽ ٻيا ڪيترا ويس ورن آهن. جن شاهه جي ڪلام کي ايترو ڪنيون آهي، نه ته رسالي جي هر هڪ بيت ۽ وائيءَ جو اندروني مطلب اهو ئي آهي، جو ساميءَ جي سلوڪن جو آهي. شاهه پاڻ به چوي ٿو ته:

جي تون بيت ڀائين، سي آيتون آهين،
نيون من لائين، پريان سندي پار ڏي

رسالي جي هڪڙي خوبي اها آهي، جو ساڳيو مطلب جدا جدا لفظن ۾ ۽ جدا جدا ماڻهن جي واتان پيو اچي ۽ پچاڙي سڀ جي وڃو الاهي عشق تي بيهي ۽ ٻيو ٻولي جيڪا ان ۾ ڪم آيل آهي، سا نهايت مٺي ۽ رس ڀري آهي. شاهه نج سنڌي لفظ تمام گهڻا ڪتب آندا آهن ۽ ڪٿي جي عربي، پارسي ۽ بلوچي لفظ ڪم آندا اٿس ته اهي وري سنسڪرت، سنڌي ۽ هندي لفظن سان اهڙو نهيا مليا ڀينا آهن، جو ناپئد تجنيس حرفي (alliteration) به رسالي ۾ ايتري آهي جنهن جي ڳالهه ڪرڻ جي نه آهي. اهڙي ڪا سٽ ئي ڪانهي جنهن ۾ اها نه آهي. ڪي بيت وندرائيندڙ ۽ ڪلائيندڙ آهن ته ڪي وري اهڙا گهمائيندڙ آهن جو پڙهندڙ جو پتو پاڻي ڪيو ڇڏين. رسالي ۾ ڪٿي ڪٿي شاهه هڪڙي مصرع جو اڌ يا ڪو ڀاڱو ڪيترن بيتن ۾ هڪبئي پٺيان ورائي ورائي ٿو آڻي ۽ ڪٿي ته فقط وچ ۾ هڪڙو لفظ ڦيرائي سڄي بيت جو قافيو ڦيريو ڇڏي اهو رستو اهڙو منو ٿو لڳي جو پانئجي ته وري وري پيو پڙهجي. (ڏسو ڪنيات، فصل 2 ۽ ساموندي، فصل 3). سر سهڻيءَ ۾ وري 'ساهڙ' لفظ تي مزو ڪيو اٿس. اهي آهن رسالي جون خوبيون جي پڙهندڙن جي دلين کي پاڻ ڏي ڇڪين ٿيون.

جيڪڏهين ڪو شاعر رسالو پڙهندو ته هن کي نڪو بحر نظر ايندو نڪو وزن، نڪي ڪي علم عروض وارا ارڪان. رڳو نالي جو رديف ۽

قافيو ڏسڻ ۾ ايندس، پر انهي ۾ ڪو شاهه جو ڏوهه ڪونهي. اهو شعر جوڙڻ جو نمونو سنڌ ۾ اصل رواجي هو ۽ سامي، دلپت رام، شاهه عنايت ۽ ٻين ڪيترن شاعرن انهي جهوني شعر جوڙڻ جي ريت کي شرف ڏيئي ڪلام ڪچو آهي. شاهه اصل گهڻو ڪلام چيو هو، پر ڪجهه جيترو وري پنهنجن هٿن سان ڪراڙ ڍنڍ ۾ اڇلي ڇڏيائين، جو خيال ٿيس ته متان ماڻهو درويشن جي اُبتن ٽوين جي اکري معنيٰ وٺي گمراهه ٿين. شاهه جي وصال کان پوءِ ٿورو گهڻو ڪلام شاهه جي ڪنهن فقير وٽان لڌو، جو پوءِ سُرن موجب ناهي بيهاريائون. ڪن سرن تي اصلوڪين راڳڻين جا نالا رکيائون، جهڙوڪ ڪلياڻ، سارنگ وغيره ۽ ڪن سُرن تي وري مضمون جي نظر تي پنهنجا نالا ناهي رکيائون، جهڙوڪ مارئي، مومل راڻو ليلا چنيسر.

شاهه جو رسالو پهريائين ٽرمپ صاحب سال 1866ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو هو. سال کن کان پوءِ وري بمبئي ڇاپو نڪتو. مگر اهي ٻئي نسخا اڳوڻي صورتخطيءَ ۾ هئا. تنهنڪري سن 1900ع ۾ اسان جي تعليم کاتي وارن رواجي صورتخطيءَ ۾ رسالو ڇپائي پڌرو ڪيو. انهن ٽنهي نسخن ۾ ڇاپي جون چُڪون توڙي ٻيون سهوون ۽ غلطيون گهڻيون آهن ۽ انهن مان ڪنهن ۾ به شاهه جو سمورو ڪلام ڏنل ڪونهي، تنهنڪري ڇٽيو ته اڃا صحيح ۽ سڄي نسخي جي سنڌ ۾ گهرج آهي.

رسالي ۾ جي ايتريون غلطيون رهجي ويون آهن ته انهيءَ ڪري ڪو ماڻهو اهو نه ڪين ٿا پڙهن. رسالي پڙهڻ جو ماڻهن ۾ تمام گهڻو چاهه آهي، اڃا به جي اڳيان ڪو معنائن جو ڪتاب هجين ته هوند جهڻي وچنس. مون کي ننڍي لاڪر رسالي پڙهڻ جو گهڻو شوق هوندو هو. مون پوءِ سعيو ڪري هٿي ڏٺي ڏکين لفظن جون معنائون هٿ ڪيون ۽ 1905ع ۾ اڃا معنائن جي ڪتاب ڇپائڻ جو خيال ڪيم ته معلوم ٿيم ته مرزا قليچ بيگ صاحب رسالي جون معنائون لکي تيار ڪيون آهن ۽ جلد ڇپائڻ وارو آهي. هن صاحب پوءِ منهنجي چوڻ تي پاڻ واريون معنائون ڇاپخاني ۾ موڪلڻ کان اڳ مهرباني ڪري مون ڏي ڏياري موڪليون. تنهن وچ ۾ وري هڪ لغت مرحوم آخوند عبدالرحيم بن محمد وفا عباسيءَ جي هٿ لڳيم ۽ هڪ ٽرمپ صاحب وارو

# شاهہ جو ٿورو ذڪر

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي شاهہ حبيب جو پٽ ۽ شاهہ ڪريم بلڙيءَ واري جو ٽڙ پوٽو هو. هو سال 1102هجري مطابق سن 1689ع ۾ هالن جي تعلقي ۾ ڪنياڻن جي ويجهو ڀئي پور ۾ ڄائو هو. سندس ڄمڻ جي جاءِ هالا حويليءَ ۾ هئي جا ڀئي پور سان لڳ ڏکڻ اُڀرندي ڪنڊ ڏي هئي. شاهہ سيد گهراڻي جو ماڻهو هو تنهن ڪري سندس نسل وڃي حضرت محمد صلي الله عليہ وآله وسلم سان ٿو لڳي. سندس وڏا اصل هالن ۾ رهندا هئا، پر 1398ع ۾ امير تيمور منجهائن ڪن کي وڏا وڏا عهدا ڏئي جڏهن سنڌ جي جدا جدا ڀاڱن جو حاڪم مقرر ڪري موڪليو تڏهين اُنهن مان سيد مير علي شاهہ ۽ سندس پٽ مير حيدر شاهہ ڪنهن دفعي هالن ۾ ويا. جتي پوءِ ڪن ماڻهن سان نسبت ٿي وين. اهيئي سيد هئا جن مان شاهہ عبداللطيف پيدا ٿيو هو. شاهہ صاحب جي ماءُ مخدوم عربي ديانا جي گهراڻي مان هئي ۽ سندس مقبرو پراڻن هالن جي اُڀرندي اجا تائين پيو ڏسجي.

ننڍي لاڪر هن جي چِت جو لاڙو ڏٽيءَ جي پاسي گهڻو هو ۽ جئن ويو وڏو ٿيندو تيئن سندس جوهر بہ ويو وڌيڪ ظاهر ٿيندو. پوءِ تہ ڪيترا ماڻهو ڪانئس ارشاد وٺي سندس مريد ٿيا.

تن ڏينهن ۾ مغل بيگ مرزا ڪوٽڙيءَ جو حاڪم هوندو هو. جا هاڻوڪي ڀٽ جي جاءِ کان پنج ميل پري ڏکڻ ڏي هئي. هاڻ اهو شهر ڦٽي ويو آهي، مگر ويرانو اجا ظاهر بيٺو آهي. چون ٿا تہ هڪ لڱا مرزا مغل بيگ جي نياڻي بيمار ٿي پيئي، سو شاهہ حبيب وٽ ماڻهو آيو تہ هلي ڀاڄهہ جو هٿ گهمائينس. شاهہ حبيب ان ڏينهن پاڻ بہ ڪو ٻُت ۾ خوش ڪين هو سو شاهہ لطيف کي پنهنجي پاران موڪليائين. جنهن وڃڻ سان چوڪريءَ

جي چيچ هٿ وني چيو تہ ”جنهنجي آڱر سيد جي هٿ ۾ تنهن کي نہ لهر نہ لوڏو“ نينگري تہ چڱي ڀلي ٿي، پر مغل چون تہ هن چيچ کان ڇو جهليس؟ بس پوءِ شاهہ جن سان اچي پاتائون. مغلن جي سورون. شاهہ پنهنجا گهر ڇڏي ڪٿي ٻئي هنڌ وڃي رهيو. هڪ لڱا ڏل ذات جا ڪي چور مغلن جي گهر ۾ ڪاهي پيا ۽ مال متاع ڀاري ڪٽي ويا. مغل چورن جي پٺيان ويندي، جڏهن شاهہ جن وٽان اچي لنگهيا. تڏهن شاهہ کي ماڻهو ساڻ ڪري واهر ڪرڻ لاءِ ڊوڙي وڃي مليا، مگر مغلن نهارين بہ ڪين. هن پوءِ سُنهن قسم وڌن. پر هنن حرف پٽي ڪڍيس، اتي شاهہ کي ڏاڍو ڏک ٿيو ۽ پاراتي وانگر هيٺيون بيت چيائين:

بيگ تنهنجي بيگي ڪونڙيءَ ۾ ڪان،
اٿم آس الله ۾ دل مارينئي مان.

شاهہ جو اهو چوڻ گٿو ئي ڪين، مغلن جو سڄو لشڪر تہ مارجي ويو. پر مغل بيگ پاڻ بہ ڪين بچيو. رڳو سندس هڪڙو پٽ ’گولو‘ نالي، پٺيان رهيو پر اهو بہ شاهہ جي پٺ لڳڻ ڪري پورو ٿي رهيو جو شاهہ چيو تہ ”مئو گولو لٿو پولو“ مغلن جي زالن کي پوءِ اچي دل ۾ پيو تہ مغل بيگ جي نياڻيءَ جي شادي شاهہ لطيف سان ڪجي. آخر مڱڻو ٿيو شاهہ جي شادي 1714ع ڌاري ٿي هئي. سندس بيبيءَ جو نالو سيده بيگم هو. جنهن کي پوءِ مريد ادب کان تاج المحذرات ڪري ڪوٺيندا هئا.

ڪن مهينن کان پوءِ بيبيءَ کي حمل ٿيو هڪ لڱا پلي تي ڏل ٿيس سو تہ ڇو ڪوهيءَ تان شاهہ جي ڪنهن فقير هٿان پلو گهرايائين. شاهہ کي جڏهين هن قصي جي سُڌ پيئي تڏهين چوڻ لڳو تہ ”واهہ جو اهو اولاد ٿيو جو اڃا پيٽ ۾ ئي آهي تہ وتي فقير رلائيندو. سياڻ ڄمندو تہ الاجي ڪهڙا ڪلور ڪندو. مون کي اهڙو ٻار ئي نہ گهرجي.“ چون ٿا تہ بيبيءَ کي انهيءَ دفعي ڪچو ٻار پيو ۽ وري حمل ڪو نہ ٿيس.

شاهہ جو مذهب هڪ الاهي اسرار هو. منجهس مسلماني ۽ درويشي گڏي پيئي هئي. صوفي تہ پڪو هو. پر جي ٻيون ظاهري مسلماني پريون

منجهس نہ هجن ها تہ اڪوڻن وڏن صوفين وانگر زماني جا ماڻهو گلا ڪنس ها ۽ ملا ۽ آخوند تعذيرون ڪنس ها، جن سان في الحقيقت پوندي بہ ڪا نہ هيس، هو چوندو هو تہ:

"ملو نانءُ موليٰ جو آخوند سڀ انڌا،
لاهي ڇڏ لطيف چئي تن ڪاٺن جا ڪنڌا،
حاجي تنهن هنڌان، حرف نہ سکيا هيڪڙو"

پاڻ تسبيح پڙهندو هو ۽ روزا بہ رکندو هو جو سندس چوڻ آهي تہ:

روزا ۽ نمازون اِيءَ پڻ چڱو ڪم،
اهو ڪو ٻيو فهم، جنهن سان پسجي پرينءَ کي.

پاڻ جو ڪڏهين مسجد ۾ وهندو هو ۽ ڪڏهين جوڳين جي سنگ ۾ تيرٿ ۽ تڪيا پيو پيٽيندو هو، سو هڪ لڳا پڇائونس تہ تون سني ڪين شيعو؟ چيو "ٻنهي جو وچ" چيائونس تہ "انهن ٻنهي جي وچ ۾ تہ ٻيو ڪي بہ ڪينهي." چي "آءٌ آهيان بہ ڪي ڪين."

مخدوم صابر ولهاري ٽر ۾ هڪ ڪامل شخص ٿي گذريو آهي، تنهن سان جڏهين شاهہ جي پهرين دفعو ملاقات ٿي، تڏهين شاهہ چيو تہ مون جهڙو ٻڏو هو تهڙو ئي ڏٺو. مخدوم سان ملا حسين نالي هڪ شخص ان وقت اتي هو تنهن ڀانيو تہ مخدوم تي شاهہ ٺوڪ ٺو ڪري سو شاهہ کي چيائين تہ "تو کي ٿيو ڇا آهي، جو هئڻ هوش کان ٻاهر نڪتو وتين." شاهہ تنهن تي مرڪي هينئيون بيت چيو:

پنوهارڪي ٻرهي جي هوند چکيائين،
تہ ميمارڪي منهين ساجهر ڇڏيائين.

هڪ لڳا شاهہ هاهوت ڏي وڃڻ لاءِ سنبت ٿي ڪئي تہ پٽس جهليس چي "ابا واٽ تي جن پوت ۽ نانگ بلائون آهن سو تون اوڏانهن نہ وڃ." شاهہ تنهن تي گنڀيرائي سان هينئيون بيت جواب ۾ چيس:

نڪو جن جهان ۾ نڪو سجي نانگُ،
سسئيءَ ڇڏيو سانگ تہ ڇپر مڙيوئي ڇاڙڪي.

هڪ لڳا شاهه راهوجن جي ڳوٺ ۾ قسمت سانگي وڃي رات تڪيو پر اتي جي ماڻهن سندس فقيرن جي خدمت ڪا نه ڪئي، جنهنڪري سڄي رات ويچارا بک سمهيا. جڏهين شاهه کي اها خبر پيئي تڏهين هينيون بيت چيائين:

راهوجن ۾ رات، قادر ڪنهن جي نه وجهي،
رنون رب رلايون آهر اڳلي واٽ،
پليجن ڪان پاٽ پرجي آئي پٽ جي.

شاهه هڪ لڳا هڏاڪٽ راهن جي ڳوٺ ۾ هو اتي ڏڌ گهريائين ته چيائونس ته پاسي ۾ ڳجڻ جو ڳوٺ آهي، اتي زالون ڏڌ وڪڻڻ لاءِ ڪڻي وئون آهن. شاهه تنهن تي چيو ته:

هڏا ڪنيون هليون ڪپياريون ڪمي،
ڇڏئيون ڪا نه پٽ تي سندي ڏڌ ڏهي،
ڳجن سان گهي، اونڏا ڪري آئيون.

مسلمانن وٽ راڳ حرام آهي، پر شاهه وٽ روز پيو ڳانو ٿيندو هو. بلڪ دم به ڳاني ٿيندي ڏنائين. هن کي نڪو درد ٿيو نه ڪا بيماري، مراقبي ۾ ويٺي ويٺي وصال ڪيائين. اهو واقعو سال 1165 هجري يعني 1752ع ۾ صفر مهيني جي چوڏهين تاريخ ٿيو. هينئر سال به سال انهي تاريخ ۽ ٻيو ذوالحج جي 9 تاريخ (شاهه جي حج جو ڏينهن) ڀٽ تي ميڙو لڳندو آهي، جو ساندهه ٽي ڏينهن هلندو آهي ۽ ماڻهن جا هشام شاهه جي سيڪ ۽ سوادي ڪافين ۽ رس ڀرين بيتن ٻڌڻ لاءِ اچي مڙندا آهن.

❊

# شاهہ جي رسالي جي اهنجن لفظن ۽ جملن جي معنيٰ

## سُر ڪلياڻ

### فصل پهريون

**عليم** = علم جو صاحب، ڄاڻندار

**اعليٰ** = وڏو (ضد — ادنيٰ)

**عالم** = دنيا

**قادر** = سگهتيوان

**قدرت** = سگهتي، طاقت

**قائم** = بيٺل (قيا م = بيهڻ)

**والي** = مالڪ

**واحد** = هڪڙو (ڏٽي)

**وحدہٗ** = هُو هڪڙو

**رازق** = رزق يا قدوڻ ڏيندڙ

**رحم** = رحم يا ٻاجھہ وارو

**حمد** = ساراهہ، تعريف

**حڪيم** = حڪمت وارو ڏاهو

**جوڙون جوڙ** = جوڙ سان جوڙ ناهہ سان جوڙ

**وحدہٗ لاشريڪ لہٗ** = هو هڪڙو (آهي)، ناهي ڪو شريڪ هن جو يا هن ڪي

**لہٗ** = هن ڪي يا هن جو

**ڪارڻي** = ڪم ڪندڙ وسيلو

**نرتون** = نرت سان

**نائين** = نمائين، جهڪائين، (مصدر۔ نائڻ)

**هيجان** = خوشيءَ سان (هيج = خوشي)

**هِنين** = دلين (هنيون = دل)

**اوتڙ** = خراب تڙ

**اوليو** = ڏڪيو ڏکجي يا گهلجي ويو ڦاٽو

**اُتو** = چيو (مصدر۔ اُتڻ)

**سين** = ساڻ

**قلب** = دل

**لسان** = زبان، ڄڀ

**اُوءِ** = اهي ('اوُ' جو جمع)

**فائق** = (فوق = تارون) مٿاهون، اڳرو اونچو اعليٰ

مِ فرمان = فرمان يا حڪم مِ

**سنتڙ** = چڱو تڙ (ضد اوتڙ، ڏتڙ، ڪتڙُ)

**سالم** = سلامت

**هيڪائي هيڪ ٿيا** = هڪئي هڪ ٿيا، ملي ويا

**احد** = ايڪو (الک)، هڪڙو (ڏٽي)

**بالم** = بي پرواهہ (2. محبوب)

**آڳي** = ڏٽي (آغا)

**نسورو** = نجو صاف
**لاخوف عليهم ولاهم يحزنون**
= نـ آهي خوف مٿي انهن. (اوليائن)
۽ نـ آهي انهن کي ڏک – قرآن مان.
**موليٰ** = مالڪ، ڌڻي
**معمور** = اڏيل، آباد (عمارت مان)
**مامُور** = حڪم ڪيل (امر = حڪم) – قلمي رسالو
**انگ** = نشان، ورڌاتا جو انگ
**نصيب** = ڀاڳ، بخت
**ازل** = آهہ، شروعات
**اُن جو** = انهن يا هنن جو (اُن جو جمع اُنِ)
**الا الله** = مگر الله، فقط ڌڻي
**حقيقت** = حق شناسي جي حالت (ساکيات ڪار). هي سلوڪ جو چوٿون درجو آهي، ٻهريان ٽي هي آهن:
(1) شريعت يعني شرع تي هلڻ (ڪرم ڪانڊ)
(2) طريقت يعني فقيرائيو طريقو اختيار ڪرڻ يا دنيا کان فارغ ٿيڻ جي حالت. (ڀڳتي يا اُپاسنا ڪانڊ)
_ معرفت يعني خودشناسي جي حالت (گيان ڪانڊ)
**هنيون حقيقت ڳڏيو** = حقيقت سان دل ملائي يعني انهين منزل ۾ اک رکي يا انهين درجي تي پهچڻ جي چاهنا رکي
**طريقت تورين** = طريقت جي حالت وزن ٿا ڪن يعني جاچين يا سوڌين ٿا.
**معرفت جي ماٺ** = پنهنجو پاڻ سڃاڻڻ ڪري جا اندر کي سانت ٿي اچي، سا اها حالت عاشق پاڻ سمجهي ٿو پر ڪنهن کي ٻڌائي نٿو سگهي، جئن "گنگو کائي ڳڙ مشڪي ڪشڪي ڪينڪي"
**ڏيساندر** = ڏورانهان ملڪ، هتي اشارو اندر جي ڏسين جو پڻ آهي
**ڏورين** = ڳولين
**ووڙين**[1] = ڳولين
**ڪلهنئون** = ڪلهن کان
**ڪورين** = وڍين (ڪپڻ ڪورڻ)
**محمد رسول الله** = حضرت محمد خدا جو رسول آهي (ڪلمي جو ڀاڱو)

[1] ووڙڻ يا وٿڙڻ = ڳولڻ، يا هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ. پر۽ شايد معني ٿي آهي "وفت وڃائڻ" جا ديوان ليلا رام وطمل ڏني آهي

ڳالھ جو وٽ يا پيچ.

**قصر** = ماڙيون محلات

**ڪوڙين** = ويھون، ڪيتريون

**سھس** = هزار

**پرڪ** = نگاھ، نظر

**ڪايائون** = آڪار، جسم

جيءُ سپ ڪنھن جيءُ سين = ساھ يا جيو آتما سپ ڪنھن جيو ۾ آهي يعني سيني ۾ ساڳيو ساھ آهي

**درسن ڏارون ڏار** = ديدار يا شڪليون بيون بيون آهن.

**پريمَ** = منھنجا پرين

**پار** = ڪم، عادتون، نشان

**وائي** = ڪافيءَ جو قسم

**نينھن نيٽين ڳَڻ ڳالھ** = نيٽن جو نينھن يعني سچو نينھن ڳڻ جھڙي ڳالھ آهي (2) نيٽن ۾ نينھن ڏاري ۾ ڳڻ جي ڳالھ ڪري يعني ڏٽيءَ جي صفت جو بيان ڪري (سيڪا پرين کي پوڄي ٿي)

**وو** = هي لفظ بي معنيٰ آواز مٿي ڪٽڻ ۾ مدد ڪندو آهي.

**جا چنايم چت ۾** = جا ڳالھ دل ۾ جاچي اٿم

**ٻجھي** = سمجھي

**لطيف** = لطف ڪندڙ (ڏٽي) شاھ لطيف

**سُڄي** = ٻڌجي

**تساڏي** = تنھنجي

**گھايل** = وڍيل، ڦٽيل

**ڪيتي** = ڪئي

**ويج** = طبيب

**مين** = مان، آءٌ

## فصل ٻيو

**اگھي اگھائي** = ناچڱائي قبول پيئي يعني ان جو قدر ٿيو رنج پريان کي رسيو = جن پرين مون کي رنج ڏنو هو تن کي موٽي رنج وڃي رسيو يعني جن ڏنو تن ئي وري لاٿو (2) منھنجي رنج يا درد وڃي پنھنجي پرين وٽ نڪاءُ ڪيو.

**انڌا اونڌا ويج** = چٽ حڪيم

**ڪچاڙيا** = چوڄا لاءِ

**ڪانئين** = ساڙين، جلائين

**ڏيل** = جسم، سرير، اندر

**پيچ** = پيچي، ڪانجھي، آشا

**سيج** = سيجا، هنڌ، کٽ

**مشاھدو** = (جيڪي کي ڏسڻ

**ونءُ**= وچ

**تني**= تنهين، انهن

**ڳري** = ڳلي يا گلي يا گردن ۾ (2) وٽ، ويجهو

**لنءُ**= پريت، محبت

**اڏي**= بنڊ جو ٽڪر، جنهن تي گوشت مڇي رکي وڍيندا آهن.

**مچڻ**= متان

**مهاين جا** = وڏيلن جا (2) پهلوانن جا (3) منهن ۾ يا اڳيان بيهڻ جا.

**ڪلالڪي** = ڪلال يا شراب چڪائيندڙ جي

**ڪسڻ جو ڪوپ وهي** = ڪسڻ جو غضب پيو هلي يعني جيڪو تو اچي سو تو ڪسجي.

**سُرڪ**= سرڪي، ڍُڪُ

**ڪاني** = وڏي، ڪپي (سسي يا گردن)

**ماٽي**= مٽ (شراب جو)

**تِڪَ**= ڍيت ، هڪ ساهي ڍُڪ

**پِڪَ**= ڍُڪ، ذرو

**منجهان گهوٽ گهاتي** = اي گهوٽ! گهاتي (شراب) مان (2) گهاتي يا ڳوڙهي گهوٽي مان

**ورنهه**= پهلوان

**وهاٽڻ** = وِهه ڏيڻ، تمام نشئي ڪرڻ

**سروٽ**= سر جي عيوض ۾

**سرو**= شراب

**سٽ**= مٽ سٽ، عيوض

**ڪوءِ**= گهٽي، گلي

**مهيسر**= مها ايشور يعني شو يا پيرم، جنهن جي مورت تي گتيوال وڪري ڪرڻ کان اڳ شراب جا ڇنڊا وجهندا آهن.

**منڌ**= مڌرا، شراب

**هوءِ**= هاڪار، تعريف

**جان**= جڏهين

**رمز پروڙيم روءِ**= اتڪل ۾ رخ سهي ڪيم يعني ڳالهه پوري پوري طرح سمجهيم.

**سڳٽي**= ڳٽائتي، فائديمند

**پهت**= چال، مرڪ، دستور

**وٽي پويئي ورَ**= شراب جي وٽيءَ جي حاصليت ۾ ٿين يعني اها مليئي

**سؤڪي**= آسان، خوش، پلي، چڱي

**ڪڪوه**= ڳاڙهو (شراب)

**منڌ**= مڌرا، شراب

**پاسي**= وٽ

**وهسن**= خوش ٿين

**چڪنن** = انھن جا چڪن

**چاڪ** = وڍ، ڦٽ

**آھر** = دانھن

**مَڪر** = نہ ڪر

**ڪاٺي** = ڪپي (سر)

**سڌڙيا** = سڌ يا خواھش ڪندڙ

**ڪُہُ** = ڇو ڇا لاءِ

**جہ** = جڏھين

**پڪون** = سرڪيون. ڍڪ (شراب جا)

**سٽ ۾** = عيوض ۾

**دوگ** = ڏڳل سنڌ. ماس جا ٽڪر

**دوگ جن جا ديگ ۾** = جن جو ماس (عشق جي) ديگ ۾ (ڪڙھي پيو)

**حاضر جني هٿ ۾** = جن جي هٿ ۾ (پنھجو سر) حاضر آهي، يعني جن پنھنجو سر وڍي تريءَ تي ڪيو آهي.

**ديگين** = ديگين ۾

**ڪڙئين ڪڙڪو نہ لهي** = ڦٽ يا ڦرڙي جي ڪڙي جو آواز بند نٿو ٿئي. هر هڪ نڪاءُ ڏينديءَ ڦٽ تان ڪرندي پيئي ڪڙڪا ڪري (2)

ديگ جي ڪڙئي يا ڪني تان ٺمڪڻ جو ڪڙڪو يا آواز نٿو بس ٿئي يعني عاشقن جو ماس عشق جي ديگ ۾ خوب پيو ڪڙهي!

**واٽيندڙ** = واٽا يا حصا ڪندڙ ورھائيندڙ

**سلھاڙيو** = گڏيو. ملايو (سلھاڙڻ = گڏ ٻڌڻ. ڳنڍڻ)

**سِنئان** = سسين ڪان

**پڙي** = برابر ٿئي

**جي مٿي وٺ مڙن** = جيڪڏھين (سجڻ) سر جي عيوض ۾ يا سر ڏيڻ سان ملن

**سٽ جڙي** = عيوض ملي

**لڏاٽي** = لڏي يا لڪئي سان. قسمت سارو

**قطرو** = ڦڙو

**نظر ناز پرين جا** = اسان جي نظر ۾ پرين جا ناز يعني اسين پرين ڏي نهاريون ۽ پرين ناز ڪري (اھا اسانجي عبادت آهي) پرين جي نظر ۾ هن جا ناز (2) (اھا اسان جي عبادت)

**مينون** = مون کي

**ماھي** = ماھريا چنڊ جھڙو سھڻو محبوب

**درماندي** = عاجز. حيران

**سگھائي** = چڱيلائي (ضد _ اگھائي)

**او اي** = اي! اڙي!

**آندي** = آن دي، اوھان جي

**مين پي** = منهنجا سڄڻ (1)
مان پيئي (2) (تنهنجي)
**چيٽڪ** = جادو
**سُڻ وايا** = پڙايان
**نامي واسطي** = ڏٽي جي ناءُ.
خدا جي واسطي (2) (پنهنجي
چڱي) نالي جي صدقي

## فصل ٽيون

**اٿياري** = اٿاري، جاڳائي
**تنوار** = آواز (بڪ بڪ)
**وصال** = ميلاپ، سنگت
**حال** = حال يا حالت جو
**هادي** = هدايت ڪندڙ
**لائي ڏيئي لت** = لائي (يا وني
ڪري) لت ڏيئي
**ڏکندي** = بيماري، مرض
**او** = اهو
**رقيب** = نگهبان، سنڀاليندڙ
**ساٿر** = ساٿ وارو سنگتي، آڌار (2)
هڪ قسم جا پن جي دوائن ۾ يا دوا
طورڪم ايندا آهن. هتي معني دوا
**ساٿر صحت** = صحت جي دوا

**قهار** = ڪهري ظالم
**ستار** = ڍڪيندڙ پردي پوش
**لڇڻ ڪڇڻ نہ ڏيو** = لڇڻ ڏيو پر
ڪڇڻ نہ
**عين** = صفا، سنورو نج
**راهہ رد ڪرڻ**[1] = راهہ بندي ڇڏڻ
**وتعزمن تشاءَ و تذل من تشا** =
۽ (ڏٽي) عزت ڏئي جنهن کي وڻيس
۽ ذلت ڏئي يا خوار خراب ڪري
جنهن کي وڻيس (قرآن مان)
**پر ۾** = ڳجهو پالهو اندر ۾
**اسباب** = جمع ”سبب“ جو
**آخر والعصر** = والعصر جي آخر
يا پڇاڙي
قرآن جي صورة 103 آهي ”العصر“
(يعني پيشن) ان جي شروع جا
لفظ ”والعصر“ (يعني قسم آهي،
پيشن جو) ۽ پڇاڙي وارو لفظ
اٿس ”الصبر“ تنهن ڪري آخر
والصبر معني ”صبر“ (مسٽر ليلارام
وطنمل)
**اُتائون** = ڇيائون

[1] هڪ لڱا هڪ اکين کان سڄو شخص شاهہ لطيف وٽ نور پنڻ آيو شاهہ ان وقت مراقبي ۾ هو. اڃا شاهہ اکيون پٽيون تہ هو شخص بہ ڏسڻ لڳو ۽ خوش ٿي شاهہ جي پيرن تي ڪري پيو. ڇي ساءِ نور پنڻ لاءِ تو وٽ آيو هوس هاڻ آءٌ ڏسي سگهان ٿو. شاهہ تنهن تي بيت 7 (رسالي ۾ هن سُر جو) چيو.

**ديکيو**= ڏٺو

**مناٺيان**= مناٺي کان

**سڪوت** = ماٺ

**چيت ڪري** = چت لائي، دل لائي، سنڀالي

**سچ ڪرڻ** = ڏيکارڻ، سامهون ڪرڻ، آڇڻ

**پرسين**= پراون يا ڏارين سان

**فاذڪروني اذڪر ڪم** = پوءِ ياد ڪريو توهين مون کي (خدا کي) تہ آءٌ ياد ڪريان توهان کي. قرآن سورة 2

**هيڪار**= هڪ وار، يا هڪ دفعو

**پابوهي**= مرڪي

**الست بربڪم** = (مخلوقن جي روحن کان ڏٺي پڇو تہ) نہ آهيان چا رب توهان جو؟ (قالو بلي) يعني چيائون "هائو" قرآن 75.

**ڪنار**= پاسو، سپرش

**اونچي ڳاٺ**= مٿي ڪنڌ

**جُل** = هل

**آسرُ** = آسرو اميد

**ماءِ**= مون، مون کي

**مُهن** = وڃين، عذاب ڏيڻ

**تچي** = ڪل لاهي، وڃي

**ورهہ وتين**= عشق وندين يا پرائين

**واڊوڙيا** = اي وڊيل

**وهاء**= وٺج ڪر

**ڪول** = ڪنول

**مدوٺا** = ماکي

**چڻ پڻ**= چٽي چٽي، چونڊي چونڊي

**ڪليان** = مگريون (جئن گلاب جون ڪليون)

**پي** = پريتم

♦ ♦ ♦

# سُر يمن ڪلياڻ

## فصل پهريون

**انواع**= قسم (جمع 'نوع' جو)

شفا = ڇوٽڪو ڇوٽڪارو

**دارون**= دوا، علاج

**تنوارون** = وارتائون، فڪر، ڳالهيون، يادگيريون

**ڪارون**= پڪارون، فرياد (2_ مهرباني)

**ٻُڪي** = ڦڪي، دوا

**ٻئَنون**= ٻين کان

**ڏِنن**= بيمارن، بستري داخل ٿيلن

**ڏِپ** = دوا اک جي، هتي معنيٰ دوا

**واريو**= موٽايو

**ڏکندن**= بيمارين، مريضن (2 مرض)

**جان ڪي**= اجا ڪي

**اکوڙيو**= اڪيليو

**تيڪم**= بس نہ ڪر (2) ڪپ يا مياڻ يا خاني ۾ نہ وجهہ (ترار يا ڪاتي)

**تيري**= تنهن جي

**ٻنگا**[1] = ٻنگ يا وجهہ سان

**نائڪ**= تير، نيزو

**وِچا**= وديا، علم

**ميا**= ٻاجهہ

**گهائن سمن**= (1) ڦٽن سان (2) ڦٽيلن سان

**چنگ**= هڪ قسم جو ساز

**ٻنگ لهي**= وجهہ وٺي

**ٻجهان**= آءٌ سمجهان ٿو يا ڄاڻان ٿو

**ڪاناريو**= ڪان يا تير لڳل

**ڪر ڪٽي**= ٻانهن چوريءَ پاسو ورائي

**ڪاناريا** = ڪان يا تير سان زخميل

**ڪُٽڪن**=ڪنجهن، ڪنجهارڪن

**لوهہ**= تير

**لال**= رتل (عشق ۾)

**منجهاران**= اندران

**ڪنجهو ڪنجهہ**= دانهون دانهن

**منهين**= ٻونگي يا جهوپڙيءَ ۾

**جي ٻڻ**= جي نہ

[1] ترمپ صاحب جي رسالي جي پڙهڻي "بانڪا" = بهادر، پهلوان.

**سنجهه** = سنجها

**پنيون** = ميندي وغيره جي پني جا نار لاءِ مٿي تي رکبي آهي

**تاڻين** = ڇڪ ڪن، ڪاهين

**توڙ** = پڇاڙي، آخرڪار سر زمين، منزل مقصود

**وائي** = وارتا

**اوڙڪ** = نيٺ

**سگهن** = ڇگن پلن

**وارين** = ورائين

**هنجهون** = ڳوڙها، لڙڪ

**رنگن** = رنگن، رونگ، گهرن، گُڙڪن

**رنجوري** = رنج وارو، بيمار رنجور. (2) رنج، ڏک (شرث صاحب)

**ماموري** = (امر تيل بيماري) هڪ قسم جو تپ لڳين لئن لطيف چوي سدا جي

**سوري** = شاهه لطيف تو چوي ته عاشقن کي محبت هميشه جي سوري تي لڳي يعني عشق جي ڏوريءَ مان انهن جو ڪنڌ ڪڏهين نڪرڻ جو نه آهي.

**آيل** = اصل لفظ 'آئي' = ماءُ، امان (ماءُ سمان جيڪا هن جي 'دادي' 'چاچي' تنهن کي به آيل يا آئي چئبو آهي)

**وسهان** = اعتبار ڪريان

**رُوُن نه چُون** = روئن نه چون

**ورسيا** = پرميا، پُلا، منجهيا

اتيو = اٿو ترو نڪرو

## فصل پيو

**ڊيڙا** = ڊپ، دوائون

**پون** = زمين، ڌرتي

**وائيءَ پيا** = وات پيا، تڪرار ڪيائين

**ڪِري** = پرهيز

**پنڌ پارياڻون** = صلاح تي هليا

**سِجهائيا** = ڳاريا، ڳاري ڪيه ڪيا

**ترس** = قياس

**چيتي** = سنڀال لهي

**تيلاهين** = انهين ڪري ئي

**موريسر** = چاليون، اکين جي بيماري

**هاريا** = اي هاريل، وبل!

**ڪُيچ** = ڪنائي، خرابي (ڪيچجو = ڪنويا بچڙو ماڻهو)

ڪو اوزار جڙي نہ سگھندو جي
لوھہ رڳو پيو ٻرندو، آخر سڙي ڪپي
ويندو ۽ جي اُجھاڻو ٿڌو ٿيو پيو
هوندو تہ ان مان ڪي جڙي ڪين
سگھندو. تنهن ڪري ٻئي حالتون
ضروري آهن.

**لونهان** = چڻگون (جذبا جي
عروج جي حالت ۾ اڻن ٿا)

**سِراڻي** = سِراڻ تي ڪم
ڪندڙ، ڪپ ڪاتيون تکا
ڪندڙ صنعتلگر

**پاڻي پيارڻ** = اوزارن کي پاڻي
ڪٽائڻ، اهڙن اوزارن
کي 'آبدار' چئبو آهي.

**تيغن** = ترارين (واحد 'تيغ')

**سائو** = سکر، اشراف

**موريان** = ڪٽ

ڪريندا = ڪندا

**ڏوڏا ڏڪن** = (1) ٽانڊن جا مچ
ڏکن (2) ڏمڻوارا پچرائين

**چاھہ** = باھہ

**ڪاٽان** = جليا، سڙيا

**سراڻ** = اوزار تيز ڪرڻ لاءِ پٿر

**عميق** = اونهو (سمنڊ)

**پوچ** = جهجهو گھڻو

**اُهڪي** = مشڪلات

**اُڪاريو** = پار ڪيو

**ائين** = اوهين

**نرمل** = ميل يا گند کانسواءِ،
اُوجل، پاڪ

**سائل** = سوالي

**طالعن ڪي تنواريو** = بخت
چوريو يا ڀاڳ ورايو
ترمپ صاحب جي رسالي
۾ 'طالعن' بدران 'طالبن' لکيل آهي.

## فصل چوٿون

**ايڪ پيالو ٻہ ڄٽا**[1] = عشق جي
پيالي ۾ ٻہ ڄٽا نہ نهندا

لکيا جي نہ لکڻ ۾ = جيڪي لکڻ
۾ نہ لکجي ويا آهن يعني جنهن
جي نصيب ۾ لکيل نہ هو (2) جي
عاشقن جي ليکي ۾ نہ ڳڻيا ويا
آهن.

**لکڻ** = (1) ورڌانا جو لفظ
(2) ڳاڻٽو دفعو ليکو

[1] ٻن جي ڪانهي جاءِ، ساڪي سوکر پد ۾ (سامي جا سلوڪ)

**هوئڻ ڪيا هيئن** = هئڻ هستي،

هن کي مئن ڪيو (وصال کان

رهت ٿيا)

**وانجيا** = ڇڏيل ڏار رهت

**آتي** = ٻُري پگهرجي (هستي وڃائي)

**ڱتانيهن ٻَري** = ٻَري عشق ۾ قاتل

**ڏُئي ڏار ڏري** = ٻيائي پاسي ڪري

خلت خنجر = محبت جي ترار

**ڪوڙ** = ڪوڙين، ڪيترا

**وهہ** = هل

**ووڙ** = ٻُولا ۾

**قاتل** = قتل ڪندڙ (نفس کي) عاشق

**ڪمائي ڪري** = پورهيو ڪري

(ارشاد يا گدو جو منتر ڪمائي)

**وهہ ماکيءَ جي ڪن** = جي وکريا

زهر کي ماکيءَ جهڙو منو ٿا ڪن

**هوندو** = موجودات

**لڪُ** = ذرو

**پيڙا** = پماد، پانڌيہ مسافر.

**ويندا وٿيو ڪنڌ** = پنهنجو

ڪنڌ ڪنيون يا قربانيءَ لاءِ تيار

ڪيو ويندا.

**موکي**[1] = (موکيہ ڪندڙ)

**ڪلال** = شراب چڪائيندڙ

**گهتن** = گهتڪو ڪائين

**گهتڪن** = ڳيتون ڏين

**وهہ ڱاڏيون** = زهر ڳڏيل

**بدهہ ساقي برخيز** = اُٿي ساقي

ڏي (پيالو) ديوان حافظ مان

**پڪين** = پڪن يا ڊڪن سان

**منجهيان** = اندريان

**اپٽيا** = ڪوليا

**ساءِ** = سواد

**ميٺ** = ميناج، لذت

**ميخانو** = گتو(مي=شراب،خانہ=گهر)

**پرهہ جا پياڪ** = پرهہ ڦٽي جو

شراب پيئندڙ (يعني جيڪي

سوبل اٿي عبادت ڪن)

---

[1] آخوند عبدالرحيم چوي ٿو تہ موکي نالي هڪ زال گوادر پاسي شراب جي وڪڻڻ جو ڪم ڪندي هئي. هڪ لڳا سندس شراب جي مٽ ۾ نانگ وڃي پيو ۽ انهي مٽ جو شراب جن پيتو تي سي مري ٿي ويا.

بئي ڪنهن هنڌان اهڙي ڳالهہ پڙهڻ ۾ ڪا نہ آئي آهي. باقي رسالي بمبئي ڇاپي ۾ آهي تہ "موکي سندي مٽ ۾ سري سپ پيو قضا ڪم ڪيو ڪونهين ڏوهہ ڪلال جو"

**هي پيتو هو آڻ** = جيڪي مليو سو خلاص ، ٿيو. هاڻ اندران ٻيو ڪڍي اچ

**چوڪي** = چڱي

**اوچي** = گهٽ، نيچ، ڪميٽي

**پرين** = پلجين، گذران ڪرين

**سري** = شراب

**وينڻ** = سخن، حرف

**پِتي تي پيڻ** = دل ۾ چڀين

**پِتو** = دل

**ڪوري ماڳ** = ڪوري جي جاءِ تي ، بنيءَ وٽ

**ڪُتڪا** = ذرا ذرا، ڪتو

**ڪت** = ذرا، ٽُڪو (2) تکو (شراب)

**لاڳ** = محبت، دوستي

**ڪتارو** = ڪُنو خنجر

**منهن وتي** = وات تي وتي (شراب جي)

**سيئي** = سبيل، گهٽو

**مت نگهريو**[1] = عيوض نہ طلبيو شراب جو (منونہ گهر. ترمپ صاحب)

**آتيا** = ڳريا، حيران ٿيا (پگهرڻ، آتڻ، ڳرڻ)

**ڳنگاتيا** = ناري چڏيا

**ٻنن پاس** = شراب جي ٻنين وٽ

**ٻُنيون** = قبرون

**ستجوڙ** = عيوض، ناهہ سودوجوڙ

**ڪرٽ** = وڏي ڪارائي، ڪاٺ چيرڻ جي، هتي معنيٰ "وڍيندڙاوزار"

**مرٽان** = مرڻ کان

**وتي تي وڏ لهي** = (شراب جي) وتي جو ملهہ وڏيڪ آهي. (تنهنجي سر کان)

**وٺ وٺ** = ونڊ ونڊ، ورهاءِ ورهاءِ

**ڪيف** = شراب

**ڪِر ڏارن سين** = کر ڏاريندڙن، سنجيدهہ ماڻهن سان (خردار = خريدار، ترمپ صاحب)

**پُر پيئڻ** = خوب پيئڻ، ڍءُ تي پيئڻ (پُرِ = پريل)

**ڪاءِ** = ڪائي، ڪا بہ

**مون هنيان** = اي منهنجي دل

**پلينا** = بندوق دڪائڻ جي وٽ (پليتو يا پليدو لائڻ = جهيڙو لڳائڻ، اصطلاح)

**اتڻ ٻهڻ** = اتڻ وبهڻ

[1] نگهريو معنيٰ صفا ٿيو خالي ٿيو.

**فرهي** = پٽي

**مطالع ڪرڻ** = دل ۾ يا چپن ۾ پڙهڻ

**لحظي جيتري** = بلڪل ٿوري، ذري

**الف** = الله

**لامقصود في الدارين الا هو**= مطلب نہ آهي ڪو منجھ ٻنهي دنيائن، سواءِ خدا جي (قرآن مان)

**انپر اتائون** = اهڙي طرح چيائون

**سگر** = وات، رستو

**سونائون** = سڃاتائون، لذائون

(سونڻ = واقفيت)

**رسيلا** = رسيل، پهتل (2) رس پريل)

**سونهين** = سڃاڻي، لهي

**ايا ڳيا** = نيا ڳا

**ڪيان** = ڪتان

**پيرڻ ۾ پانئڻ** = ڪمائي ڪرڻ ۽ پوءِ هٿ ۾ پير جڻ

**عزازيل**[1] = نالو شيطان جو

**سبيل** = جهجهي، گهڻي

**لعنتي لعل ٿيو** = جو رتل هو سو لعنتي ٿيو

**سابق** = دوستي، محبت، اصل لفظ "سابقه" عربي ۾ سابق معنيٰ اڳيون، سبق = اڳتي وڌڻ

**نفس جو** = پنهنجو، مون خود جو

**نهو** = واسطو ڳانڍاپو

**عرفان** = شناسي، خدا شناسي

**سيل** = ڪندا

**وريام** = ورينم، ڦري آينم

**اکر ڇُٽي ميڪڙي** = هڪڙي اکر ڇهڻ سان يعني ٿوري اشاري مان

**ڀھون جي نہ ٻجھن** = جيڪي گهڻا نتا سمجهن يا گهڻو مطلب ڪڍي نتا سگهن

**ڪوه** = ڇا

**وترا** = گهڻا

**پڙهيا** = اي پڙهيل! اي سڄاڻ!

**ميم** = محمد

[1] هڪ لڱا خدا عزازيل کي چيو تہ آدم اڳيان سجدو ڪر. پر هن خدا پرست جي مرضي نہ ٿي تہ آءٌ ڪو آدم اڳيان ڪنڌ نوايان. انهين حڪم نہ مڃڻ ڪري خدا دوزخ ۾ هنيس. مسلمان ان کي شيطان سڏيندا آهن.

**اُجار**= صاف ڪر
**نحو صرف** = وياڪرڻ ، گرامر
(دنيوي علم) هي بيت شاهه
ڪريم جو آهي.
**ڪاتب**= لکندڙ
**لايو لام الف سين** = الف سان
لام ملائي لکبو تہ ٿيندو "لا"
**ڪورئين** = تون ڪورين يا
ڪپين، وڍين، ڦاڙين
**تهڙا چاليها نہ چاليهہ**= چاليها
(يعني گهڻا چلا يا ورت رکجن تہ
اُهي اهڙا نہ آهن (يعني انهن جو
ڦل ايترو نہ آهي) جيترو پرينءَ
جي ديدار ڪرڻ جو آهي.
**چاليهو**= چاليهن ڏينهن جو ورت، چلو
**ونگڙو**= ڏنگو آڏو ڦڏو جهڙو تهڙو
**گر** = گرو مرشد
**تُسي** = راضي ٿي
**ڏِيوڙا**= ڏئو، چراغ
**ڪڏي**= خانو ڪوٺي
**حجرو**= ڪوٺي (مسجد سان لاڳو)
**چاليهو رکڻ** = چاليهہ ڏينهن
ورت رکڻ
**الڪ**= اڱم (ڏٿي)
**احداً**= احد يا هڪڙي ڏٿي کان
**آرڪ**= نہ رکندڙ بي وفا، بي مک
**ڪانئر**= گيدي، ٺمٺا، ڊچڻا
**ڪاهہ**= ڪيڏانهن
**من مانهہ**= من ۾، اندر ۾
**آجاڏيءَ**= اڻڄاڻ
**اجهيو**= ٻجهيو سمجهو
**ڪنز**= نالو هڪ ديني ڪتاب جو
**قُدوري**= شريعت جو هڪ ڪتاب
**ڪافيا**= نالو هڪ ڪتاب جو
**جيان** = جتان (33 ۽ 34 بيت
شاهہ ڪريم جا آهن)
**ونءَ**= وڃ
**پتين**= طرحين، دستور
**لونيون**= جليل، سڙيل
**اسار**= غافل، ويسرو

## فصل ڇهون

**دائودي**= هڪ قسم جو گل
**ديون**= تجليون، چمڪاٽ
(واحد "دئي" مذڪر دئو = دهو)

**رُڪن** = سُڪلن وڻن جا پن يا گلن
ڪوري هيٺ آينگ[1]
**ڳَوَري** = مصيبت، آفت
**اپنگ** = هڪ قسم جو ساز
**اچنگ** = اچانڪ، اوچتو
**پاڪرين** = پکر وارن کي، عزت
وارن کي، پيارن کي
**چيت** = سمجهه، خيال
**سچيت** = خبردار (ڪامل شخص
يا ڏٽي، ٻنهين سان لڳائي سگهبو)
**عقابيل** = تير
**بان** = ٻاڻ، تير ( هن ست ۾ شاهه
چوي ٿو تہ اي سجڻ توکي اکين ۾
عُقابيل ۽ ٻاڻ آهن. اهو اشارو اک
جي ڀنبڙين جو آهي، جي تيرن
جي مثال آهن)
مژگان چون تير کرده
ابرو ڪمان ڪشيده
(ٻائي دلپت راءِ)
**سيڱ** = ڪمان (اشارو ڀِرن جو)
**لوهہ چاڙهڻ** = تير ڪمان ۾
وجهڻ
**سپر** = ڍال
**چاڪ چُنڪا** = وڍ، ڏڪ
**ابهين** = بچين، بخشجين
**جهالو تي جهليج** = پختو ٿي
جهلج (ڏڪ)
**پاهان پڳ ڏيڻ** = پنتي پير
ڪرڻ، موٽڻ
**ڪينو** = بغض، سرڪشي
**ڪيو** = ڪنيون، (ٽرمپ صاحب)
**نيشان** = آچام، جو تير يا بندوق
سان چٽجي
**لوري** = تير
**ٻاجهائي** = ٻاجهہ ڪري
**آچام** = نيشان
**سَلَ** = سوراخ
**تمام** = بلڪل، پورو
**ڪهج ڪوم ڪلام** = ڪو حرف
نہ ڪچج (صبر ڪري سهج)
**جم** = متان
**دوستنئون** = دوستن کان
**ڪر پڙاڏو پٽ** = پڙلاءِ کي پٽ

[1] صحيح پڙهڻي "ڳوڙي هيٺ جهنگ". آخوند احمدي

ڪر يعني پيچي سنئون ڪري،
اصلوڪي آواز تي آٽي بيمار بيائي
ڪيڊ (2) ايڏيون پڪارون ڪر جو
سچو پٽ پڙاڏن سان پرجي پوي

**ڳُنگريون** = برجون تامي جون

**ڪُٺُ** = ذرو (2) ڪوڙو

**اپر** = گهڻو بيحد

**چانگ** = جوان مرد، پهلوان

**آسانگو** = آسرو اميد

**ڳيرو** = بار

**هيڪاند** = ميلاپ، ڳنڍ

**نيزي پاند** = تير ڏانهن

**جهپ نہ آوي** = ننڊ نہ اچي، اک نہ لڳي

**امام** = پيشوا، دين جو پيشوا، هادي

## فصل ستون

**ويرو تار** = دم دم، هميشہ

**تمام** = پورا ڪيا

**حبيباٽي** = دوستاڻي، دوست جي

**سڄي انگڙين** = سڄي لڳين، تندرست

**ماڪر** = قبول

**جان عاشق مٿي رت**[1] = جيستائين عاشق رت تي آهي، يعني جيسين ڳاڙهو ڳتڪو آهي

**سائو منهن** = هئڊ جهڙو منهن، بناوت

**گوڏ گرٺ** = ڳنڍ ۾ ناڻو

**گرٺ** = جنهن سان ڪي ڳنهجي، ناڻو پئسا

**ڪڪ چُتي** = ڪک يا نري لاٺڻ سان

**ڪچاڙيا** = چاڪاڻ

**لياڪا** = ليٺا، جهاتيون

**بنهي جي پوري، جي ڏني ري نہ جڙي** = سڪ ۽ سوري بنهين جي پورائي، سر ڏيڻ ڏاران نٿي ٿئي، يعني بنهين ڳالهين ۾ سر ضرور ڏيڻو پوي ٿو.

**اريءَ** = سواءِ، ڏاران

**نات** = نہ تہ

[1] ساڳي ڳالهہ پارسي واري بہ چئي آهي تہ:

عاشقاند شش نشاني اي پسر،
آه سرده، رنگ زرده چشم تر،
انتظاري بي قراري دربدر

**ڪيني وارا**= سرڪش
**ڪاندو ڏيائي ڪيڻ** = تحمل وڏي عمدي غذا آهي، يعني انهين جهڙو ڪو تول ڪونهي.
**ڪيڻ**= غذا، ڪاڏو
**ستاٽي**= مضبوط
**زهه**= ڪمان جو ڏاڳو
**هدايت**= فهمايش
**ڳري**= واٽ، رستو گهٽي
**جنهين ساهه سري** = جنهِين ساهه سري وئي يعني جن پنهنجي دل کي ڪنهن به دک ڏيڻ ڪانسواءِ پورائي ڪئي.
**نفس**= پاڻ
**ڪا مت قيمت جهڙي**= ڪا قيمتي يا عمدي شي
**وڻ ورائڻ** = حرف جو حرف موٽائي چوڻ
**اڻ چوندن**= جيڪي نـ چون
**مونن ۾ منهن پائڻ** = مراقبي يا ڌيان ۾ رهڻ
**مونو**= گوڏو
**غربت**= غريبي
**مفتي** = فتوي ڏيندڙ (وويڪ يا ضمير)
**منجهه وهار**= اندر ۾ (فتوي ڏيڻ لاءِ) قاضي ڪانيارو نـ ٿئين. (تـ پوءِ ڪنهن پاهرين) قاضي جي ڪاڻ ڪيڏٽي نـ پوئي
**ڪانيارو** = محتاج، ڪاڻ ڪيندڙ
**تند**= تندي شوخي
**ڏوهنئون**= ڏوهن مان
**پتون پتين**= طرحين طرحين
**حاصل**= لاڀ
**ڪت**= ڪاٽ، گذار

*

# سُر ڪنڀات

## فصل پهريون

**پلائي[1] آهين، پرين پلائي**
**پانهنجي** = سڄڻ پنهنجي
پلائيءَ جي ڪري بيشڪ پلا
آهن يعني پلائي ڪرڻ ۾
ڪڏهين گهٽ نٿا پون
**مَانڍي** = مون ڏانهن
**مديون** = مدايون، بُڇڙايون
**سڄڻ سڃاڻيم** = سڃي ۾ آهن
(پڳي ۾ نہ آهن) يعني چڱايون تا
ڪن
**پيرِ** = نشان، چهن
**اُڪندڙين جي** = سڪندڙن جي
**قمر** = چنڊ
**شمس** = سج
**آڏت** = سج (آڏتوار آرتوار)
**سانگ ۾ پوي سڄٽين** = سڄڻ

ڪي ڪو اهڙو سانگو نہ ٻڌجي
اچي (جنهنڪري ٻاهر وڃي)
**سانگ** = سفر تي، اتفاق يا
ڪنهن سبب سان
**وماسيا جن ويڻ** = جن جي ويڻ
فڪرمند ڪيا
**تاري** = ٻاجهہ، آڌار
**ٻندڻ ٻنڌ** = ڪمرڪش، اُدم ڪر
**پَلُ** = پلو (وهٽ)
**آهر** = طبيلو جنهن مان وهٽ
ڪائين
**ايلاچيون** = ننڍيا قوتا
**چل** = هل
**سَلُ** = ٻڌاءِ
**هاهر** = هونگار جا وهٽ ڪي
هڪلڻ مهل ڪبي آهي.
**ڪجايون** = ساڙڍيارين

---

[1] جي سؤ چندا گو هين سورج چڙهہ هزار
جانڻ هونديان گوريج گهور انڌار"(آسا جي وار)
رسالي جي[2] 14 بيت جي 3 سٽ جي ہي پڙهٽي
"جو منهن تنهنجي ۾ مچ سو پدمر پريان
جي پيرِ ۾"

عاري تي پئجي رهيو

**ڪوهه** = ڪمہ پوي، ڪڏ ۾ پوي

**بن** = بن ۾ پوي، رلي مَري

**اولاڻيو** = ٽپڙن ۽ پارڪڙن لٽي، سڪڻو

**پلاڻڻ** = ٽپڙ ۽ پاڪڙو وجهڻ (ضد ـ اولاڻڻ)

**وڳ** = ڌڻ (اٺن جو)

**ترسڻ** = انتظار ڪرڻ، واجهائڻ

**ڪيڪانُ** = گهوڙو

**مون نہ وهيڻو پاڻ** = مان پنهنجي وس نہ آهيان، ٻين جي وس آهيان.

**نيڻ نچوئڻ** = اکين مان پاڻي هارڻ

**ڪسر** = گهٽتائي، ڍلائي، دير

**وڏندي وڪ** = وڏي ۽ تکڙي وک

**مَچڻ** = متان

**لاٽي** = هڪ قسم جو ٻوٽو جو اٺ دل سان کائيندو آهي.

**ايهين اَٺ اُناءِ** = اهڙي طرح ڪڻ (وک يا قدم)

**هوندي رات** = رات جي هوندي، اچا رات پئي هُجي

**ڪنوات** = ننڍو اٺ

**ونگي** = ڏنگي

**جهوري** = فڪر، ڳڻتي

**جهات ڏيڻ** = جهٽ يا جلدي ڪرڻ، تڙتائي ڪرڻ (جهات، جهٽ، جهپو)

**ڪر** = ڪل، ڪرم، ڪتنب

**اصل** = بڻ (2) اصل کان

**نڌان** = (1) نيٺ (2) گهر (3) بلڪل

**چانگو** = اٺ

**ڪڌاتورو** = بداخلاق، نکر ("سڌاتورو" جو ضد)

**ان مٺي** = انهي اُٺ (ميو = اٺ)

**ڳوڙها ڪيو** = ڳنڍيون ڳوڙها ڪيو منجهائي لولا لولا ڪيو منجهايو

**ڳوڙها ڪيا** = روئاريو

**جر پتيون** = پاڻي ۽ پٽ يا متانهان پٽ

**ڪٿ** = ڳاڻيٽو يا ويچار (پنڌ جو)

**سٿ** = پاتاري، جماعت، قافلو

**ڳل** = ڳلي يا گلي ۾، ڳچي ۾

**ڳانو** = ڪئنني يا ڪوڏين جڙيل پٽي جا اٺ جي ڳچيءَ ۾ ٻڌندا آهن.

**مال** = مالها، ڳاني

**ڪديفو** = قطيفو مخمل جو ڪپڙو سِيتن

**ڏائينس**=ٻڏينس، ڏانوڻ وجهينس
**چنگهي**= ڪرڪي، ڪنجهي
**پِٽو** = پيو (مثلاً، سجو ڏينهن پٽو لکي يعني پيو لکي)
**دو دستي** = بگهياڙي يا زنجير وهٽ جي اڳين ٽنگن ٻڌڻ جو
**دو پير** = زنجير وهٽ جي پوين ٽنگن ٻڌڻ جو
**سنگر** = زنجير
**هير** = عادت
**ڪامڻ**= جادو
**ڪَني**= ڪن، ڪمڙن ماٺهن
**اَڪيا**= ڪوپا (وهٽ جي اڪين ٻڌڻ جا)
**پِڙ** = چڪر، گهاٽي جي چوگرد زمين جنهن مٿان ڦري ٿو
**پنرهن**= پندرهن (15)
**ڪتٽهار**= هڪ قسم جو گل
**جوپا**= چوٽڙ (جٺن ڪمند جا چوتا)
**اگر** = هڪ قسم جي سرهي ڪاٺي
**موڪ**= وهندڙ پاڻي
**تڪيو** = ٿوڪاريو، وات مان ڪڍيو تڪ هنيون
**ٿوڪ** = شئي، عمدي شئي، پدارث
**کهڙي اکر**= ڪهڙي ليکي
**آئڙي**= وڻي، پسند پيئي
**جيئان**= جتان، جنهن هنڌان
**ڪور**= ڪروڙ (ٽرمپ صاحب)
**ڏيهانگي**= ڏهاڙي
**چُڳيون**= ننڍا چڳا
**پِڪ**= ذرو
**تيئان**= تتان، تنهن هنڌان
**تڪ**= ڳيت
**توڙ**= آخرڪار، سر زمين، منزل گاهه
**لاڪيٹو**= لکن جو
**وَرُ**= بهتر
**جهاتڙيون**= جهاتيون
**سڏين**= سڏن يا خواهش ڪرڻ سان
**پڙ**= ميدان، لڙائيءَ جو ميدان
**توءِ**= تڏهين ب

***

# شاهه جي رسالي

## جي

## اهنجن لفظن ۽ جملن جي معنيٰ.

---

### سر ڪلياڻ.

فصل ١.

عليم = علم جو صاحب، ڄاڻڻوار

اعليٰ = وڏو (ضد - ادنيٰ)

عالم = دنيا

قادر = سگهه ڌڻيوان

قدرت = سگهه، طاقت

قائم = هيمل (قيام = هميشه)

والي = مالڪ

واحد = هڪڙو (ذاتي)

وحدهٗ = هو هڪڙو

رازق = رزق يا روزي ڏيندڙ

رحيم = رحم يا ٻاجهه وارو

حمد = ساراهه، تعريف

حڪيم = حڪمت وارو، ڏاهو

جوڙون جوڙ = جوڙن سان جوڙ، ڏاهه سان جوڙ

٢ - وحدهٗ لاشريڪ لهٗ = هو هڪڙو (آهي)، ناهي ڪو شريڪ

هن جو يا هن کي

لهٗ = هن کي يا هن جو

ڪارڻي = ڪم ڪندڙ، وسيلو

نرتون = نرت سان

نائين = نمائين، جهڪائين، (مصدر - نائڻ)

سر کښوات ،

جوړا = جوړه ( دوه شیان / یا جوړه )

اګر = یو قسم دی سوری / کښي یروځي

٤٧- ووړک = ومدګړي

تکړه = توکاریو ، ولت / مان کیدو ، تک ښیون

ټوک = شي ، ټوکي شي ، / پداوت

کوزي اکر = کوزي لیکی

آټري = وټي ، پسند پوښي

٤٨- جیمان = جدان ، جنون / همدان

ګور = ( ؟ ) کروز - / ترمب صاحب

ډیوالی = ډماړي ، ډو

ځګیدون = زډیا چګا

٥٠- بوک = ذرو

تیمان = تقان ، تدون همدان

تک = ګیت

٥٢- توز = آخر کار سرزمین ، / منزل گاه

٥٣- لاکیڅو = لکن جو

ور = بهتر

جوانژیدن = جوانیدن ، لګا

سندیدن = سندن یا خواندن / کرط سان

پژ = میدان ، لزائی دو میدان-

نوړ = تذهین ؟

پوره شو ،

’غريب اللغات‘، شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ جي اوائلي لغت آهي، جيڪا ٽن سُرن ’ڪلياڻ‘، ’يمن ڪلياڻ‘ ۽ ’ڪنيات‘ جي بيتن ۾ شامل ڪن ڏکين لفظن جي معنيٰ وار سمجهاڻي آهي. جيتوڻيڪ هن کان پوءِ شاهه سائينءَ جي شاعريءَ جون ٻيون به لغتون به تيار ٿيون، پر هيءَ لغت شاهه سائينءَ جي شاعريءَ جي اڳاٽي ڪوشش آهي، جيڪا هڪ اثاثي طور پڻ محفوظ ڪرڻ بيحد ضروري هو. پيرومل مهر چند آڏواڻي هن لغت لاءِ ’غريب اللغات‘ جي نالي جي چونڊ، پنهنجي تخلص ’غريب‘ جي حوالي سان ڪئي، جو پاڻ نه صرف نثر نويس هو، پر سٺو شاعر به هو ۽ شاعريءَ ۾ ’غريب‘ تخلص استعمال ڪندو هو. سنڌي ٻوليءَ جا محقق ۽ شاهه جا شارح هن لغت کي شاهه جي ڪلام جي ٻي لغت ڪري مڃين ٿا، جو پهرين مختصر لغت ديوان ليلارام، لطيف سائينءَ بابت لکيل پنهنجي انگريزيءَ واري ڪتاب جي پوئين حصي ۾ ڏني هئي. ان مختصر لغت کي ڇڻ ته ان ڪتاب ۾ ضميمي طور شامل ڪيو ويو هو. ٽين لغت مرزا قليچ بيگ جي ’لغات لطيفي‘ آهي، جيڪا پڻ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري تقريباً پنجاهه سالن بعد ڇپرائي پڌري ڪئي هئي. شاهه سائينءَ جي شاعريءَ جي چوٿين لغت ’روشني‘ (ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ) آهي، جيڪا پڻ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران ڇپائي پڌري ڪئي وئي آهي.

ڊاڪٽر محمد علي مانجهي

9 789696 251903